# اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُہُمُ العالِيَہ جي
# نعتيه شاعري

يومِ ولادتِ اميراهلسنت جي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان



**يومِ وِلادتِ امير اهلسنت جي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان**

**15 مارچ 2026ع / رمضان ڪريم 1447ھ جي 26 رات (آچر ۽ سومر جي وچ واري رات)**

# امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ العاليه جي نعتيه شاعري

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- **نعت شريف لکڻ جي برڪت سان شِفا ملي وئي**
- **وسائل بخشش جو تعارف**
- **چند ڪان ۾ حسين صورت وارا**
- **عُشاق ۽ مدينو**

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مَدَني صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم: رَاَیْتُ رَجُلًا مِنْ اُمَّتِیْ یَزْحَفُ عَلَی الصِّرَاطِ مَرَّۃً وَیَجْثُوْ مَرَّۃً فَجَاءَتْہُ صَلَاتُہُ عَلَیَّ فَاَخَذَتْ بِیَدِہٖ فَاَقَامَتْہُ عَلَی الصِّرَاطِ حَتّٰی جَاوَزَ۔[1]

**ترجمو:** منهنجو هڪ اُمتي پُلصراط تي ڪڏهن ريڙهيون پائي تہ ڪڏهن گوڏن ڀَر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اُهو درود پاڪ آيو جيڪو هُن مون تي پڙهيو هو، درود پاڪ سندس هٿ پڪڙي ان کي اٿاري بيهاريو ايسيتائين جو هُن پُلصراط پار ڪري ورتي.

**شرح حديث:** درود پاڪ ان کي پلصراط پار ڪرائي جنت ۾ وني ويو.[2]

سَلِّمْ! سَلِّمْ! کی ڈھارس سے | پُل پر ہم کو چلاتے یہ ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... الاحاديث الطوّال للطبراني، صفحہ:84-85 ملتقطاً۔

2... التيسير بشرح جامع الصغير، جلد:1، صفحہ: 370۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعت شريف لکڻ جي برڪت سان شِفا ملي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! امام شرفُ الدين بُوصِيري رَحمةُاللهِعَلَيْه تمام وڏا عاشقِ رسول ٿي گذريا آهن، پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيْه پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون بہ لکندا هئا. **قصيده برده شريف** پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيْه جو لکيل تمام مشهور ڪلام آهي.

هن قصيدي شريف کي لکڻ جو سبب ڏاڍو دلچسپ آهي. اهو مان توهان کي ٻڌايان ٿو:

امام بوصيري رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون تي فالج جو حملو ٿيو،

---

1... بخاري، كِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1ـ

جنهن جي ڪري منهنجي جسم جي اڌ حصي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. بيماري جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪا بہ دوا ڪارآمد ثابت نہ ٿي، تڏهن مون آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نعت پاڪ لکڻ جو ارادو ڪيو تہ جيئن الله پاڪ ان جي برڪت سان مون کي شِفا عطا فرمائي.

مولانا حسن رضا خان رَحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا | ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا [1]

بهرحال! پاڻ فرمائن ٿا: مون رات جو ئي نعتِ مصطفيٰ لکڻ شروع ڪري ڏني، الله پاڪ جي ڪرم سان ڏسندي ئي ڏسندي هڪ مڪمل قصيدو شريف لکي ڇڏيو، قصيدو شريف مڪمل ٿيو تہ مان سمهي پيس، اکيون ڇا بند ٿيون، منهنجي قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا.

سرِ بالیں اُنہیں رَحمت کی ادا لائی ہے | حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے [2]

خواب ۾ ئي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قصيدو شريف ٻڌائڻ جو حڪم فرمايو، مون مڪمل قصيدو پڙهي ٻڌايو. الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿي منهنجي جسم تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيرايو ۽ مون کي پنهنجي چادر عطا فرمائي، پاڻ فرمائن ٿا: جڏهن مان ننڊ مان بيدار ٿيس تہ منهنجي

[1] ذوقِ نعت، صفحہ:51۔

[2] ذوقِ نعت، صفحہ:250۔

جسم جو فالج ختم ٿي چڪو هو.[1]

| | |
|---|---|
| مُحَمَّد کا لطف و عطا اللہ! اللہ! | مری رُوح و دِل پر ہُوا اللہ! اللہ! |
| مُحَمَّد مُحَمَّد وظیفہ ہے میرا | مُحَمَّد کی ہر دَم نِدا اللہ! اللہ! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ جي زماني کان وٺي اڄ تائين نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جو اظهار ڪرڻ جا مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، انهن مان شاعري بہ هڪ طريقو آهي ◈حضرت حسان بن ثابت ◈ حضرت عبدالله بن رواحہ ◈ ڪعب بن زُهير ◈ ڪعب بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عنهم سميت ڪيئي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم ان طريقي کي اختيار ڪيو. بزرگانِ دين جو بہ هڪ تعداد آهي جن ان عمل کي اختيار ڪيو، انهن مبارڪ هستين مان دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، وليءِ ڪامل، عاشقِ رسول، امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پاڪ ذات بہ هڪ آهي.

اچو تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي شاعري تي ڪلام ڪرڻ کان پهريان سندن مختصر تعارف ٻڌون ٿا: پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ولادتِ با سعادت **26 رمضان شريف 1369ھ** مطابق **12 جولاءِ 1950ع** بروز اربع پاڪستان جي مشهور شهر ڪراچي ۾ مغرب کان ٿورو اڳ ٿي.◈ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ننڍپڻ

[1] فوات الوفيات لابن شاکر، جلد:3، صفحہ:368۔

ڪان ئي تمام سادي طبيعت جا مالڪ رهيا آهن، نہ ڪنهن کي برو چوندا آهن ۽ نہ ئي ڪنهن سان جهيڙو ڪندا آهن ◈ ديني لاڙي سبب، پاڻ جوانيءَ ۾ ئي علمِ دين جي زيور سان آراستہ ٿي چڪا هئا. پاڻ علم حاصل ڪرڻ جي ذريعن مان ڪتاب پڙهڻ ۽ علماءِ ڪرام جي صحبت ۾ رهڻ کي اختيار ڪيائون. هن سلسلي ۾ پاڻ مسلسل **22** سال مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مفتي وقار الدين قادري رضوي رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ جي بابرڪت صحبت ۾ حاضر ٿيندا رهيا ◈ مفتي وقار الدين رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ ۽ شارح بخاري مفتي شريف الحق امجدي رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ کين خلافت عطا فرمائي ◈ **سيپٽمبر 1981ع** ۾ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم **دعوتِ اسلامي** جو آغاز فرمايو، جيتوڻيڪ پاڻ پهريان بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهندا هئا پر جڏهن کان **دعوتِ اسلامي** جو باقاعده آغاز ٿيو، ان وقت کان وٺي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو باقاعده هڪ سلسلو شروع فرمايو ◈ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه هي مدني مقصد اختيار ڪيو تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** ۽ هن مدني مقصد کي ڪٺي پاڻ نہ ڏينهن ڏٺائون نہ ڪي رات، مسلسل ڪوششون ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، ايتري تائين جو اللہ پاڪ جي ڪرم، ان جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت ۽ اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللہِ عليهم جي فيضان سان دعوتِ اسلامي جو ديني پيغام سڄي دنيا ۾ عام ٿي ويو ◈ پاڻ ڏورانهن علائقن جو سفر ڪندا هئا ◈ هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيترائي بيان ڪندا هئا ◈ مسجد مسجد ◈ ڳوٺ ڳوٺ ◈ شهر شهر تشريف وٺي ويندا هئا ◈ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ◈ ڪٿي فوتگي وغيره ٿي ويندي هئي تہ مسلمانن جي غمخواري، دلجُوئي ۽ خير خواهي جي جذبي تحت پنهنجن هٿن سان ميت کي غسل ڏيندا

هئا، ڪفن پهرائيندا هئا، جنازي نماز پڙهائيندا هئا ◈ غمي ۽ خوشي جي موقعن تي مسلمانن جي اهڙي ته دِلجُوئي فرمائيندا هئا جو اهي به نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ سندن شريڪِ سفر بڻجي ويندا هئا.

سندن مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ ◈جيڪي بي نمازي هئا اُهي نمازي بڻجي ويا بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا ◈ بدنگاهي ڪرڻ وارا حيا دار بڻجي ويا ◈ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارا با ادب ٿي ويا ◈ چور ۽ ڌاڙيل آيا، توبهه تائب ٿيا، چوري ۽ ڌاڙا ڇڏي معاشري جا شريف انسان بڻجي ويا ◈ حسد جي باهه ۾ سڙڻ وارا شڪرگذار ۽ خير خواهه ٿي ويا ◈ فلمن ۽ گانن جا شوقين نعتِ مصطفيٰ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا ◈ دنيا جي گندي گناهن سان پريل عشق جا متوالا، پياري مصطفيٰ، مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جا اَسِير بڻجي ويا ◈ مال ۽ دولت جي پويان پجڻ وارا الله جي رِضا جا طلبگار بڻجي ويا ◈ شرابي آيا، توبهه ڪري پاڪيزه انسان ٿي ويا ◈غافل آيا، عبادت گذار بڻجي ويا ◈ ڀٽڪيلن کي سڌو رستو ملي ويو ◈ هزارين ڪافرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي. ائين هڪ هڪ به به ايندا ويا، نيڪي جي دعوت جي هن سفر ۾ ساڻن گڏ ملندا ويا، قافلو نهندو ويو ۽ الحمدلله! نيڪي جي دعوت جو هي ديني پيغام سجي دنيا ۾ پهچي ويو.

اے امیرِ اہلسنّت تیری شوکت زندہ باد
تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اِشاعت زندہ باد
تیرے دَم سے آئی وہ دین و شریعت کی بہار
اعلیٰ حضرت زندہ اور صدرِ شریعت زندہ باد

تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سَعید
نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد
گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب
عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سنّت زندہ باد (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وَسائلِ بخشش جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! **وسائلِ بخشش** امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه جو نعتيہ مجموعو آهي. جنهن ۾ ◈ **28** حمد ۽ مناجات ◈ **169** نعتون ۽ استغاثا ◈ **32** مناقب ◈ **8** صلوٰة ۽ سلام ◈ ۽ **33** مختلف ڪلام آهن، جيڪي ڪل ملائي **270 ڪلام** ٿين ٿا.

سمورو ڪلام ◈ سليس اردو زبان ۾ آهي، ◈ جن ۾ محبت جي جذبن جي برجستگي ۽ عجز و نياز جو اعتراف سمايل آهي. ◈ ديوانگيءَ ڀريو اظهار آهي ◈ ذوق ۽ شوق جي ولولا انگيزي آهي ◈ ڪٿي الله پاڪ کان مغفرت جون التجائون ڪري رهيا آهن ◈ تہ ڪٿي آقا ۽ مولا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ استغاثا پيش ڪيا پيا وڃن ◈ ڪٿي اهلِ بيت ۽ اصحاب سان محبت جو اظهار ڪري رهيا آهن ◈ تہ ڪٿي غوث پاڪ سان پنهنجي عقيدت جو اظهار بيان ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ **وسائلِ بخشش** عاشقانِ رسول جي لاءِ عشق ۽ محبت جو

[1]...مناقب عطار، صفحہ:15-16۔

صحيفو آهي جنهن کي پڙهي ٻانهو عشق ۾ ٻڏي ويندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وَسائلِ بخشش ۾ خوفِ الاهي

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا جو مطلب هي آهي تہ الله پاڪ جي ◈ بي نيازي ◈ان جي ناراضگي ◈ ان جي پڪڙ ◈ ۽ ان جي طرفان ملڻ وارين سزائن جو سوچي انسان جي دل گهبراهٽ ۾ مبتلا ٿي وڃي.[1]

جڏهن اسان وسائلِ بخشش جو مطالعو ڪندا آهيون تہ اسان کي اهو چڱي ريت معلوم ٿئي ٿو تہ امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه ڪيڏو نہ خوفِ خدا رکڻ وارا آهن ◈ پاڻ خوفِ خدا جي سبب عاجزي ڪندي الله پاڪ کان پنهنجن گناهن تي پشيماني جو اظهار ڪندا ۽ انهن کان معافي گهرندي لکن ٿا:

يا خدا ميری مغفرت فرما
باغِ فردوس مرحمت فرما
تُو گناہوں کو کر مُعاف اللہ!
میری مقبول معذرت فرما
ہو نہ عطار حشر میں رُسوا
بے حساب اس کی مغفرت فرما[2]

◈هي خوف الٰهي جو ئي اثر آهي جو پاڻ جهنم کان لرزندي ۽ ڊڄندي نظر اچن ٿا، جهنم جي هولناڪين کان بچڻ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ التجاء

1 احياء العلوم، ڪتاب الخوف والرجاء، جلد:4، صفحہ:173 ماخوذاً۔
2 وسائلِ بخشش، صفحہ:75 ملتقطاً

کندي لکن ٿا:

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِ جَہنَّم میں جلوں گا یاربّ!
دردِ سر ہو یا بُخار آئے تڑپ جاتا ہوں | میں جَہنَّم کی سزا کیسے سَہوں گا یاربّ! [1]

◈ ڪٿي عذابِ الٰهي کان گهٻرائي لکن ٿا:

گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد | مُعاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یارب [2]

جڻ سندن اشعار پڙهڻ سان بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪيترو خوفِ خدا رکڻ وارا آهن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!   صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عشقِ رسول جو اظهار

پيارا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ عشقِ رسول هڪ لازوال دولت، ايمان جو بنياد بلڪ اسان جي ايمان جي جان آهي ۽ ان کان سواءِ ايمان مڪمل نہ ٿو ٿئي.

مُحَمَّد کی محبت دین حق کی شرط اول ہے | اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهمُ الۡعَالِيَه جو عشقِ رسول بہ ڪمال آهي. سندن شاعري ۾ عشقِ رسول جا هر هنڌ جلوا نظر اچي رهيا آهن ◈ ڪٿي عشق رسول ۾

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:85۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔

پاڻ کي مٿائڻ ۽ پنهنجوگهر ٻار لُٽائڻ جي اهڙي تہ تمنا ڪري رهيا آهن جو ڪو بہ عاشق ٻڌي تہ تڙپي اٿي، لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| میں نام پر تیرے واری جاؤں | میں عشق میں تیرے گھر لٹاؤں |
| ملے وہ جذبہ ملے وہ ہمت | نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت [1] |

◈ڪٿي هن عشق ۽ محبت ۾ تڙپندو رهڻ جون التجائون ڪري رهيا آهن

| | |
|---|---|
| آتشِ عشق بھڑکتی ہی رہے سینے میں | بس تڑپتا رہوں سرکار! رسُولِ عربی [2] |

◈ڪٿي هن عشق ۽ محبت ۾ هر وقت تڙپڻ جي خواهش جو اظهار ڪندي ۽ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ گذارش ڪري رهيا آهن.

| | |
|---|---|
| ہر وقت سوزِ عشق میں تڑپا کروں شہا | آگ ایسی میرے دِل میں لگادیجئے حُضُور (3) |

## امير اهلسنت عشقِ رسول

پيارا اسلامي ڀائرو! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ۽ عشق جي تقاضا ۽ علامت هيءَ آهي تہ اطاعت ۽ فرمانبرداري وارا ڪم ڪيا وڃن. حضرت سهل بن عبدالله رَحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جي علامت سندن سنت سان محبت ڪرڻ آهي.

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:207۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:374۔
[3]... وسائلِ بخشش، صفحہ:231۔

**(1)**

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهم الۡعَالِيَه جو عشقِ رسول صرف اشعار جي حد تائين محدود نہ آهي پر عملي طور بہ پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهم الۡعَالِيَه عشقِ رسول جي باري ۾ اڄ جي دور ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهن ◈هي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۽ محبت جو ئي نتيجو آهي جو پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهم الۡعَالِيَه جي زندگي سنتِ مصطفيٰ جي سانچي ۾ سجيل نظر اچي رهي آهي ◈ پاڻ هڪ سچا ۽ باعمل عاشقِ رسول آهن ◈ ڪين عاشقِ مدينہ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي ◈ پاڻ عشقِ نبي ۾ روئندا آهن ◈ مديني جي ياد ۾ ڳوڙها وهائيندا آهن ◈۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ يادِ مصطفيٰ ۾ ايترو تہ تڙپندا ۽ روئندا آهن جو ڏسڻ وارن کي بہ روئڻ اچي ويندو آهي ◈ ايتري تائين جو پنهنجي ڪلام ۾ هڪ جاءِ تي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۾ روئندي روئندي ساهہ نڪري وڃڻ جي آرزو ڪندي فرمائن ٿا:

آپ کے عشق میں اے کاش کہ روتے روتے | یہ نکل جائے مری جان مدینے والے [2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چنڊ کان بہ حَسِين صورت وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! چنڊ جو ذڪر شِعر و شاعري ۾ جڳهہ جڳهہ تي ملندو آهي ◈ محبوب جي حسن کي ◈ محبوب جي خوبصورتي کي ◈ محبوب

[1]... تفسيرِ قرطبی، پاره:3، سوره بقره، تحت الآية:31، جلد:2، صفحہ:47 ملتقطاً۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:422۔

جي دلڪشي ڪي ◈ ۾ محبوب جي رنگت ڪي چند سان تشبيهه ڏيڻ شاعري ۾ تمام گهڻو عام آهي.

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه به پنهنجي شاعري ۾ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ انور کي ڪيترن ئي جاين تي چند سان تشبيهه ڏني آهي.

هڪ مقام تي فرمائن ٿا:

چاند سا چمکاتے چِہرہ نور برساتے ہوئے | آ گئے بدرُ الدُّجیٰ، اہلاً وَّ سہلاً مرحبا[1]

**مفهوم:** يعني ربيع الاول جي ٻارهين تي پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو چند جهڙو چهرو، جنهن جي برڪت سان اونداهيون راتيون روشن ٿي وينديون آهن، هر طرف نور پکيڙيندي تشريف ڪٽي آيا.

الله اڪبر! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي راتين کي چمڪائڻ واري، اونداهين ۾ اجالو ڪرڻ واري، روشن روشن چهري بابت مسلمانن جي پياري امي جان سيده عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عنها فرمائن ٿيون تہ مان سحري جي وقت ڪجهہ سِبِي رهي هئس تہ سُئي منهنجي هٿ مان ڪري پئي، اتفاق سان ڏيئو بہ وسامي ويو. ايتري ۾ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ اقدس جي نور سان سمورو ڪمرو روشن ٿي ويو ۽ مون کي سُئي ملي وئي.[2]

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:146۔
[2] القول البديع، الباب الثالث، صفحہ:153۔

هڪ ٻي جاءِ تي امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھمُ الۡعَالِیَہ فرمائن ٿا تہ چنڊ پنهنجي خوبصورتي جي باوجود رخِ روشن جي سامهون ڪجهہ بہ نہ آهي

یقینا جس کے آگے چودہویں کا چاند شرمائے | تمہارا ہے وہ چہرہ نکھرا نکھرا یارسول اللہ [1]

هڪ ٻئي مقام تي فرمائن ٿا:

نوروالے کے رُخِ روشن کی کیاتعریف ہو | چہرۂ انور کے آگے چاند بھی شرمایا ہے [2]

سندن اِهي شعر دنياوي شاعرن وانگر خيالي نہ آهن پر احاديث مبارڪ جو نچوڙ آهن. انهن حديثن مان هڪ حديث پاڪ مان توهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو.

حضرت جابر بن سَمُره رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جن کي چانڊوڪي رات ڳاڙهي (لڪيرن واري) حلي(مبارڪ لباس) ۾ ملبوس ڏٺو، مان ڪڏهن چنڊ ڏانهن پئي ڏٺو تہ ڪڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ انور ڏانهن پئي ڏٺو تہ مون کي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ خوبصورت نظر اچي رهيو هو.[3]

مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ◈ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنہم جون نگاهون حقيقت بين نگاهون هيون (يعني حقيقت ڏسڻ واريون هيون) ◈ ڪيترن ئي سببن جي ڪري نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ حسين آهي ◈ چنڊ

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:345۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:461۔
[3] ترمذی، کتاب الآداب، باب ما جاء فی الرخصۃ فی لبس ...الخ، صفحہ:656، حدیث:2811۔

صرف رات جو چمڪندو آهي مصطفيٰ جو چهرو ڏينهن رات چمڪندو آهي ◈ چنڊ صرف **3** راتيون (آب و تاب سان) چمڪندو آهي مصطفيٰ جو چهرو هميشہ هر ڏينهن ۽ هر رات چمڪندو آهي ◈ چنڊ جسمن تي چمڪندو آهي مصطفيٰ جو چهرو جسمن سان گڏ دلين تي بہ چمڪندو آهي ◈ چنڊ صرف ابدان (جسمن) کي نور ڏيندو آهي جڏهن تہ مصطفيٰ جو چهرو ايمان کي نور بخشيندو آهي ◈ چنڊ گهٽجندو آهي پوءِ وڌندو آهي جڏهن تہ مصطفيٰ جو چهرو گهٽجڻ کان محفوظ آهي ◈ چنڊ کي گِرهڻ لڳندو آهي جڏهن تہ چهرهءِ مصطفيٰ کي ڪڏهن بہ گِرهڻ نہ لڳندو آهي ◈ چنڊ سان عالَمِ اجسام جو نظام قائم آهي، جڏهن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان عالَمِ ايمان جو نظام قائم آهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مالڪ ۽ مختيار نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشق ◈ پنهنجي محبوب جو ◈ ان جي ادائن جو ◈ ان جي خوبين جو ◈ ان جي ڪمالات جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي. اِها شيءِ اسان کي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪلام ۾ ڪثرت سان نظر اچي ٿي.

هڪ جاءِ تي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا:

مالک و مختارِ ما صلِّ علیٰ خوش آمدید | نائبِ ربُّ العُلیٰ صلِّ علیٰ خوش آمدید [2]

---

[1] مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:60۔

[2] وسائلِ بخشش، صفحه:215۔

**مفهوم:** يعني اي الله پاڪ جا حقيقي نائب ۽ ان جي مُلڪ جا مالڪ ۽ مختيار توهان کي خوش آمديد.

وڌيڪ فرمائن ٿا تہ هي ڪرم نوازي اوهان جي رب ٿي فرمائي آهي ۽ ان جو ئي فضل آهي:

فضلِ خدا سے مالکِ کون و مکاں ہیں آپ | دونوں جہان آپ کے ہیں اختیار میں [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي بہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه جو ڪو نئون خيال نہ آهي بلڪہ هڪ حديث پاڪ جي ترجماني آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَاِنِّي اُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ خَزَائِنِ الْاَرْضِ بيشڪ مون کي زمين جي سمورن خزانن جون چابيون (Keys) عطا ڪيون ويون آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مالڪِ ڪُل آهن، دنيا جا سيئي خزانا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا ويا آهن، جنهن کي جيڪو چاهيندا آهن عطا فرمائي ڇڏيندا آهن.

کُنجی تمھیں دی اپنے خزانوں کی خُدا نے | محبُوب کیا مالک و مختار بنایا
عَالم کے سلاطین بھکاری ہیں بھکاری | سَرکار بنایا تمھیں سَرکار بنایا
بے یار و مددگار جنھیں کوئی نہ پوچھے | ایسوں کا تجھے یار و مددگار بنایا (3)

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:275۔
[2] بخاری، کتاب الجنائز، باب الصلاۃ علی الشہید، صفحہ:377، حدیث:1344۔
[3]... ذوقِ نعت، صفحہ:48، 49 ملتقطًا۔

**وضاحت:** يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ توهان کي پنهنجن خزانن جون چاٻيون ڏئي مالڪ ۽ مختيار بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن کي جيئن چاهيو نوازي ڇڏيو، جيڪو چاهيو عطا فرمائي ڇڏيو، دنيا جا بادشاهه **(Kings)** ته توهان جي سامهون فقير آهن، اصل اختيار ته اوهان جو آهي، جن کي دنيا ۾ ڪو ليکڻ وارو نہ آهي الله پاڪ توهان کي اهڙن جو مددگار بڻايو آهي.

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه لکن ٿا:

حق نے کردیا مالک تم کو سب خزانوں کا | تم نے ہی کھلایا ہے تم نے ہی پِلایا ہے [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سخاوتِ مصطفيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نهايت ئي وڏا سخي هئا، وٽن جيڪي ڪجهہ بہ هوندو هو، اهو ورهائي ڇڏيندا هئا، ڪڏهن ڪنهن کي منع نہ فرمائيندا هئا، ڪنهن بہ سائل کي پنهنجي دربار مان خالي نہ موٽائيندا هئا.

حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عنهما فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن سائل کي جواب ۾ **"لا"** **(يعني نہ)** جو لفظ نہ فرمايو. [(2)] پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي انهيءَ وصف کي بيان ڪندي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه لکن

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:464۔

[2]... شفاء شريف، جلد: ١، ص، 111۔

تا:

کوئی خالی نہیں لوٹا کبھی دَر سے آقا | ہے سخی آپ کا دَر بارِ رَسولِ عَرَبی[1]

اهڙي طرح پاڻ کريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي گهراڻي جي تعريف ڪندي لکن تا:

تُو ہے بیکسوں کا یاوَر اے مِرے غریب پرور
ہے سخی تِرا گھرانا مدنی مدینے والے[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امير اهلسنت ۽ رمضان

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ کي رمضان ڪريم سان انتهائي والهاڻي محبت آهي. جڏهن ان جي تشريف آوري ٿيندي آهي تہ پاڻ جهومي اٿندا آهن ۽ جڏهن ان جي رخصت جو وقت ويجهو ايندو آهي تہ پاڻ (فراق ۾) تڙپي پوندا آهن. پنهنجي انهيءَ ڪيفيت کي پاڻ بيان ڪندي فرمائن تا: جڏهن رمضان ڪريم موڪلائيندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ کو تمام وڏو نقصان ٿي ويو هجي، يعني اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جو دل چاهيندي آهي تہ زارو قطار روئان. جيئن جيئن رخصت جو وقت ويجهو ايندو آهي تيئن تيئن دل بي چين ٿي ويندي آهي، جڻ تہ خوشيون ان وقت ختم ٿي ونديون آهن تہ رمضان وڃي رهيو آهي!! رمضان وڃي رهيو

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:374۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:425۔

آهي !!

امير اهل سُنت **رمضان شريف** سان پنهنجي عشق جي اظهار ۾ ڪيترائي ڪلام لکيا آهن، بلڪ سڀ کان پهريون ڪلام جيڪو پاڻ لکيائون اهو به **رمضان شريف** جي جدائي ۽ ان جي فراق جي درد تي مشتمل هو.[1] پاڻ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| قلبِ عاشق ہے اب پارہ پارہ | اَلوَداع اَلوَداع آہ! رَمضاں |
| کلفت ہجر و فرقت نے مارا | اَلوَداع اَلوَداع آہ! رَمضاں |
| تیرے آنے سے دل خوش ہوا تھا | اور ذَوقِ عبادت بڑھا تھا |
| آہ! اب دل پہ ہے غم کا غلَبہ | اَلوَداع اَلوَداع آہ! رَمضاں[2] |

◈ ڪٿي پاڻ **رمضان شريف** جو قدر نه ڪري سگهڻ جو اظهار فرمائيندي لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| میں ہائے! جی چراتا ہی رہا ربّ کی عبادت سے | گزارا غفلتوں میں سارا رمضاں یارسول اللہ! |
| میں سوتا رہ گیا غفلت کی چادر تان کر افسوس! | خدارا! میری بخشش کا ہو ساماں یارسول اللہ![3] |

◈ ڪٿي رمضان شريف جي جدائي تي سندن دل تڙپي ٿي ته ان جو اظهار ڪجهه هن طرح فرمائن ٿا:

[1] مدنی چینل پروگرام : دلوں کی راحت، 29 رمضان کریم 1441ھ مطابق 22 مئی 2020ء۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:651۔
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:679۔

| | |
|---|---|
| جاں فدا تجھ پہ نانائے حَسَنَین ! | قلب ہے غمزدہ اور بے چَین |
| دل پہ صدمہ بڑھا جا رہا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے [1] |

جڻي **رمضان شريف** سان محبت جو اظهار، ان جي جدائي تي غمگين حالت، ان ۾ عبادت ۽ رياضت جي خواهش ۽ حسرت جو خوب خوب اظهار اسان کي وسائل بخشش ۾ ملي ٿو.

## عُشاق ۽ مدينو

پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي نعتيہ شاعر جتي نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ ڪمالات جو ذڪر ڪندا آهن اتي سندن ڪلامن ۾ مديني جو ذڪر بہ تمام گهڻي شدت سان موجود هوندو آهي. ان جو سبب ڇا آهي؟ علماءِ ڪرام لکن ٿا: سبب اهو آهي تہ اُتي مڪي مدني آقا، امام الانبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن.(2)

امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھمُ الۡعَالِيَہ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| یہ ہر عاشِقِ مصطفٰے کہہ رہا ہے | ہمیں تو ہے جنت سے پیارا مدینہ |
| یہ رنگیں فَضائیں یہ مہکی ہوائیں | معطّر مُعَنبر ہے سارا مدینہ |
| مدینے کے جلووں کے قُربان جاؤں | خدا نے ہے کیسا سَنوارا مدینہ |
| پہاڑوں میں بھی حُسن کانٹے بھی دِلکش | بَہاروں نے کیسا نِکھارا مدینہ |

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:683۔

[2]...تاريخ مدينہ، صفحہ:9۔

| | |
|---|---|
| وَہاں پیارا کعبہ یہاں سبز گنبد | وہ مکہ بھی میٹھا تو پیارا مدینہ |
| بُلا لیجئے اپنے قدموں میں آقا | دکھا دیجئے آب تو پیارا مدینہ [1] |

پيارا اسلامي ڀائرو! مدينو مدينو آهي، مديني پاڪ جو شان ئي ٻيو آهي، واقعي مدينو پاڪ عاشقن جي جنت آهي. هتي هن ڳالهہ جي وضاحت ڪندو هلان تہ جڏهن عام طور تي مديني پاڪ کي جنت کان وڌيڪ پيارو سڏيو ويندو آهي، تہ اتي جنت مان مراد اها حقيقي جنت ناهي هوندي، هي اهلِ عشق جو پنهنجو هڪ نرالو مزاج آهي، جيڪي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت ڪري مديني کي جنت چوندا آهن. البته، مديني پاڪ ۾ زمين جو اهو خاص حصو جيڪو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ اطهر سان مليل آهي، يعني قبرِ مبارڪ جو اندريون حصو، اهو تہ جنت تہ ڇا پر عرشِ اعظم کان بہ وڌيڪ افضل آهي.. (2)

هي عشق وارن جو نرالو انداز آهي، اُهي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان مديني کي جنت چوندا آهن ۽ مديني جا طلبگار بہ رهندا آهن ۽ مديني ۾ مرڻ جون دعائون بہ ڪندا آهن.

| | |
|---|---|
| موت ایماں پہ دے مدینے میں | اور محمود عاقِبت فرما |
| تُو شرف زیرِ گنبدِ خضرا | مجھ کو مرنے کا مرحمت فرما (3) |

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:

[2]... فتاويٰ رضويہ، جلد:10، صفحہ:711۔

[3]... وسائلِ بخشش، صفحہ:75۔

۽ جيڪو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي قرب ۾ مري وڃي ان کي تمام وڏو نصيب وارو سمجھندا آھن.

| | |
|---|---|
| سب پکارو جھوم کر میٹھا مدینہ مرحبا | کر کے خم سب اپنا سر میٹھا مدینہ مرحبا |
| نور برساتے مَنارے سبز گنبد کی بہار | دل ہو روشن دیکھ کر میٹھا مدینہ مرحبا |
| جو مدینے آگیا عطّارؔ آکر مر گیا | وہ بڑا ہے بختور میٹھا مدینہ مرحبا[1] |

## لکي رھيو آھيان نعت سرور سبز گنبذ ڏسي

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي شاعريءَ جو ھي ھڪ نمايان وصف آھي تہ سندن جي شاعريءَ ۾ ڪوبہ بناوٽي رنگ ناھي، بلڪ پاڻ پنھنجي شعرن ۾ حقيقت کي ئي بيان فرمائيندا آھن.

ھن سلسلي ۾ ھڪ واقعو ٻڌو: ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي تہ ھڪ ڀيري اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مديني شريف ۾ حاضر ھئا، تہ سيدي قطبِ مدينہ جي جانشين حضرت مولانا فضل الرحمٰن صاحب رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جن پاڻ کي ھڪ ڪلام لکڻ جو حڪم فرمايو، جنھن جو رديف ھجي "سبز گنبد دیکھ کر" پاڻ ڪلام لکڻ لاءِ مسجدِ نبوي شريف جي صحن ۾ حاضر ٿيا، پاڻ ڪلام لکڻ شروع ڪيائون ۽ جڏھن بہ شعر جي پڇاڙيءَ تي "سبز گنبد دیکھ کر" لکڻو ھوندو ھو تہ ڦھرين سبز گنبد جي زيارت فرمائيندا ھئا ۽ پوءِ لکندا ھئا: سبز گنبد دیکھ کر.

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:152-154 ملتقطاً

اچو تہ ان ڪلام جا ڪجهہ شعر ٻڌون

لکھ رہاہوں نعتِ سَرور سبز گنبد دیکھ کر
کیف طاری ہے قلم پر سبز گنبد دیکھ کر

ہے مقدّر یاوَری پر سبز گنبد دیکھ کر
پھر نہ کیوں جُھومے ثَنا گر سبز گنبد دیکھ کر

مسجدِ نبوی پہ پہنچے مَرحَبا صلِّ عَلیٰ
ہو گیا جاری زَباں پر سبز گنبد دیکھ کر

رُوح کو تسکین جانِ مُضطَرِب کو چین ہے
دِل کو بھی رَاحت مُیَسَّر سبز گنبد دیکھ کر

آہ! اے عطّار اتنا بھی نہ تجھ سے ہو سکا!
جان کر دیتا نچھاوَر سبز گنبد دیکھ کر (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنت جي شاعريءَ جا اثرات

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ اسان ٻڌو تہ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي شاعري رڳو لفظي بيهڪ ۽ شاعرانہ تڪلفات جي پيرايي ۾ ناهي هوندي، بلڪہ سندن شاعريءَ ۾ دلي جذبن، عشق ۽ محبت جي عڪاسي ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري سندن شاعري پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ◈ عشق ◈ محبت ◈ الفت ◈ ادب ◈ ۽ احترام جو جذبو نصيب ٿيندو آهي. ◈ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن کي سندن ڪلام پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان خوفِ خدا نصيب ٿيو ◈ ڪيترن کي عشقِ رسول ۾ سوزِ جگر حاصل ٿيو ◈ ڪيترن کي صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت جي الفت نصيب ٿي ◈ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن کي مڪي مديني جي تڙپ ملي ◈ڪلام ٻڌي ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جا عقيدا درست ٿي ويا.

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:228 تا 230 ملتقطاً۔

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ مون جنهن وٽان قرآنِ ڪريم پڙهيو هو، ان جا عقيدا درست نہ هئا، پر ان وقت منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن مون ڪين دعوتِ اسلامي جي هڪ اجتماع ۾ ڏٺو، سنتن پريو لباس پاتل، مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي اجتماع ۾ شريڪ هئا. جڏهن هن تبديليءَ جو سبب پڇيو ويو تہ ٻڌايائون تہ عقيدا صحيح نہ هجڻ جي ڪري ڪين نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون ٻڌڻ جو ڪو خاص شوق نہ هوندو هو. پر هڪ ڀيري هڪ اهڙو ڪلام ٻڌم جيڪو دل کي ڇهي ويو ۽ مان ان کي ٻڌندو ئي رهجي ويس. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ اهو اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ڪلام آهي. اهڙو سنو ۽ دل سوز ڪلام ٻڌڻ کانپوءِ وڌيڪ ڪلام ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي تڙپ پيدا ٿي، تہ مون پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو نعتيہ ديوان "وسائلِ بخشش" حاصل ڪيو. بس پوءِ ڇا هو، مان "وسائلِ بخشش" پڙهندو ويس ۽ منهنجي دل جي صفائي ٿيندي وئي، منهنجي دل ۾ صحيح عقيدا راسخ ٿي ويا ۽ مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. اَلحمدُ لله! هاڻي "وسائلِ بخشش" کي بطورِ وظيفو پڙهڻ جو معمول آهي.

اے امیرِ اہلسنّت تیری شوکت زندہ باد

تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اِشاعت زندہ باد

تیرے دَم سے آئی وہ دین و شریعت کی بہار

اعلیٰ حضرت زندہ اور صدرِ شریعت زندہ باد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نعت شريف چوڻ آسان ناهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيتوڻيڪ نعت شريف لکڻ جون وڏيون برڪتون آهن، پر اها ڳالھ ذهن نشين رهڻ گهرجي تہ نعتيہ اشعار لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالھ ناهي ۽ نہ ئي هر ڪنهن کي ان جي اجازت آهي. نعتيہ شاعريءَ لاءِ فنِ شاعريءَ جي اصولن سان گڏوگڏ علمِ دين جي دولت ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون ضروري آهن، ڇو تہ هيءَ بارگاھ ڪا عام بارگاھ ناهي. هن بارگاھ جو ادب قرآن ڪريم سيکاريو آهي ۽ اسان کي خبردار ڪري ٿو تہ هن بارگاھ ناز ۾ ادب سان رهو، نہ تہ اوهان جا عمل ضايع ٿي ويندا ۽ اوهان کي ان جو شعور بہ نہ هوندو.

بَا خُدَا دِيْوَانَه بَاشَدْ بَا مُحَمَّدْ هَوْشِيَار

مفهوم: يعني الله پاڪ جي محبت ۾ ديوانا ٿيڄي وڃو، پر بارگاھ رسالت جي آداب جي معاملي ۾ هوشياريءَ (۽ ادب) کان ڪم وٺو.

قربان وڃجي! اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمةُ اللهِ عَليه جي ڪمالِ احتياط تي، جو نعت لکڻ جا مڪمل طور تي اهل هجڻ ۽ فنِ شاعريءَ جي اصولن ۾ مهارت رکڻ جي باوجود نعت شريف لکڻ کي هڪ نهايت ڏکيو ڪم قرار ڏيندا هئا. جيئن تہ پاڻ فرمائن ٿا: حقيقت ۾ نعت شريف لکڻ نهايت ئي ڏکيو آهي، جنهن کي ماڻهو آسان سمجهن ٿا، هن ۾ (جڻ) تلوار جي ڌار تي هلڻو پوندو

آهي.[1]

امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب **ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب** جي صفحو نمبر **232** تي نعتيہ شاعري ڪرڻ بابت ارشاد فرمائن ٿا: هيءَ سنتِ صحابہ آهي يعني ڪجهہ صحابہ (رَضِیَ اللّٰہُ عنہم) مثلاً ◈حسان بن ثابت ◈ زيد رَضِیَ اللّٰہُ عنہما ڪان نعتيہ اشعار لکڻ ثابت آهن. پر هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ نعت شريف لکڻ نهايت مشڪل فن آهي، ان جي لاءِ ماهرِ فن ۽ عالمِ دين هجڻ ضروري آهي، ٻي صورت ۾ عالم نہ هئڻ جي صورت ۾ رديف، قافيو ۽ بحر (يعني شعر جو وزن) وغيره ڪي نڀائڻ جي لاءِ خلافِ شان الفاظ لکجي وڃڻ جو خطرو رهندو آهي. تنهنڪري عام ماڻهن کي شاعري جو شوق ڪرڻ مناسب نہ آهي ڇو تہ نثر جي مقابلي ۾ نظم ۾ ڪفريات جو صدور (يعني واقع ٿي وڃڻ) جو وڌيڪ انديشو هوندو آهي.[2]

نعتِ شہ کونین کا لکھنا نہیں آساں | لغزش ہو تو ایمان کے جانے کا خطر ہے

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ۾ هنڌين ماڳين پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نعتون موجود آهن ◈ انبياءِ ڪرام عليهم السّلام پڻ پنهنجي پنهنجي زمانن ۾ محبوب نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي توصيف ۽ ثنا ڪندا رهيا آهن ◈ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نعتون ٻڌڻ◈ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنہم ◈ ۽ نيڪ ٻانهن جو طريقو آهي. پر ياد رهي تہ اِها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

[1] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، حصہ دوم، صفحہ:227۔
[2] کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، صفحہ:232۔

ان جي لاءِ فنِ شاعري سان گڏوگڏ ڪمال جو علم ۽ ادب جو هئڻ بہ ضروري آهي. امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه موجوده دور جي نہ رڳو علمي ۽ روحاني شخصيت آهن پر پاڻ تمام وڏا عاشقِ رسول نعت گو شاعر بہ آهن. سندن شاعري ۾ عشق رسول جي جهلڪ ◈ اوصاف ۽ ڪمالاتِ مصطفيٰ جي چمڪ دمڪ ◈ ۽ مديني پاڪ جي تڙپ ۽ محبت نظر اچي ٿي. سندن شاعري پڙهڻ سان عشق رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي. الله پاڪ اسان کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو عشق ۽ محبت نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ڪجھ ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ مڪتبة المدينہ جو ايمان افروز رسالو"تعارفِ اميرِ اهلسنت" هي هڪ منفرد ۽ معلوماتي رسالو آهي جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي بابرڪت شخصيت، اصلاحي خدمتن، تبليغي جدوجهد ۽ نيڪي جي دعوت جي حسين سفر کي دلنشين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 35 روپين ۾ قيمتاً حاصل فرمايو. ◈ اهڙي طرح مڪتبة المدينہ هڪ اهم ڪتاب "مڪتوباتِ اميرِ اهلسنت" پڻ شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا اهي بابرڪت خط ۽ تحريرون شامل آهن جيڪي پاڻ مختلف موقعن تي تحرير فرمايون. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 1 هزار روپين ۾ قيمتاً حاصل فرمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد